ليکمڻ ڪومل

# خليفي گل محمد جي شاعريءَ ۾ فني صلاحيتون

***Abstract***

**Poetic qualities in the Poetry of Khalifo Gul Muhammad**

*Khalifo Gul Muhammad was the famous poet of 18th and 19th Centuries, and was known to be first poet of `Ghazal', in Sindhi-Literature. It was the same time when, 'Ghalib', was shining star in Indian firmanent of Poetic world. He pertained the classical period and was well-versed in prosody and classical poetic Diction.*

*The poetry of Khalifo Gul was published posthumously, because he breathed his lost at Madina, during pilgrimage, and thus could not see his collection in the form 'Diwan'.*

*Khalifo Gul Muhammad is remembered up till now, in the capacity a classical icon in the filed of classical poetry, specially 'Ghazal'.*

**جديد** فارسي غزل جون ائنتالاجيون مرتب ڪندڙ فارسي غزل جي شروعات رُودڪيءَ سان ڪندا آهن، جيتوڻيڪ دارا شڪوه اُپنشدن جي فارسي ترجمي ۾ ڪٿي ڪٿي غزل جي صنف پڻ استعمال ڪئي آهي، جنهن جون پاڙون هندو مئٿالاجيءَ سان وڃي ملن ٿيون. (1)

ساڳيءَ ريت اردو غزل جون ائنتالاجيون تيار ڪندڙ غزل جي شروعات ولي دکني يا قلي قطب شاهه سان ڪندا آهن، جيتوڻيڪ اردوءَ جو پهريون غزل ڪبير جو چيل آهي، جيڪو غزل جي صنف جون سڀ تقاضائون پوريون ڪري ٿو:

”همن هئہ عشق مستانا، همن ڪو هوشياري ڪيا؟
رهي آزاد يا جگ سي، همن دنيا سي ياري ڪيا؟
جو بڇڙي هئن پياري سي ، پٽڪتي دربدر ڦرتي،
همارا يار هئہ هم مين، همن ڪو انتظاري ڪيا؟
ڪبيرا عشق ڪا ماتا، دوئي ڪو دُور ڪر دل سي،
جو چلنا راهہ نازڪ هئہ، همن ڦر بوجهہ ڀاري ڪيا؟(2)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ان ئي سلسلي ۾ سنڌيءَ جو پهريون غزل اڄ کان ٽي سؤ سال اڳ ٺٽي جي شاعر نور محمد خستہ جو هٿ آيو آهي، جنهن ۾ ڇهن بيتن مان چار مصراعون فارسيءَ ۾ آهن. ڊاڪٽر سدارنگاڻي خادم جي چواڻيءَ سنڌيءَ ۾ غزل جي خاص ترقي تصوف رستي ٿي، جنهن جو مکيہ باني سچل سرمست هو.

سڄڻ تنهنجو برھ باري، اسان جي ساڻ تو ياري،
آءُ تا پانهي تون تا سائين، پڏي پانهان ڪيم زاري.

(رسالو سچل سرمست، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 415)

هٿ آيل سنڌي شاعريءَ جي ڪتابن ۾ خليفي گل محمد جو ديوان، پهريون ديوان نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ناصحانہ نُڪتا، فطرت نگاري ۽ ايراني طريقي جا مئہ ۽ ميخاني وارا استعارا ۽ ڪنايا نج سنڌي لفظن ۾ ملن ٿا.(3)

سنڌ ۾ ٺٽو ۽ هالا سنڌي غزليہ شاعريءَ جا وڏا مرڪز رهيا آهن، جتي خليفي گل محمد کان وٺي امداد حسينيءَ تائين ڏيڍ ٻہ سؤ شاعر ٿي گذريا آهن، پر انهن مان ڪيترا شاعر گمناميءَ ۾ گم ٿي غير معروف ٿي ويا آهن، جو وسيلن نہ هئڻ ڪري سندن ديوان يا شاعريءَ جا مجموعا شايع ٿي نہ سگهيا. سنڌ ۾ شاعريءَ جو 'لاڙڪاڻو اسڪول' گهڻو پوءِ وجود ۾ آيو. تحقيق موجب پهريون سنڌي شاعر، جنهن غزلن جو ديوان جوڙيو، سو آهي آخوند گل محمد هالائي، جنهن جو تخلص "گُل" هو، جيڪو سن 1784ع کان 1856ع عيسوي سن تائين حيات هو، ان حساب سان "گُل"، مرزا غالب (غالب 1797ع کان 1869ع تائين) جو همعصر هو.

البت گل کان اڳ سچل سرمست جون پڻ عروض جي اصولن تي ٻيٺل رچنائون موجود آهن، پر سندن صوفياڻي نوع ۽ ڪن ٻين وصفن ڪري انهن کي ڪافين ۾ ئي شمار ڪيو ويو آهي، ان ڪري گُل ئي غزل جو پهريون شاعر مڃيو ويو آهي. (4)

ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو بہ آهي جو اُنهن جي ڪلام جا مسودا سندن پويان محفوظ نہ رکيا. خليفي گل جي ديوان ۾ 'الف' رديف وارو پهريون غزل آهي:

پيالو مَئي سندو ڏي پُر ڪري محبوب متوالا،
تہ مستيءَ ۾ محبت جي ڪدون هن هوش کي حالا.
يَتُون آهينِ ايذائڻ ۾، دنيا جا مڙئي مائٽ،
توڙي پائر سڳا چاچا، توڙي ڪي سوٽ ۽ سالا.

اٿـئـي اي دل ڏٽـيءَ جـي دوسـتـي ۽ شـوق جـي مـحـبـت،
دنـيـا جـي عـيـش عشـرت کـي پـيـري هـڻ تـون کـٽـي پـالا.
انـدر ۾ عشـق جـنـهـن جـي جاءِ پـنـهـنـجـي ٿـو وهـي جـوڙي،
وسـن بـرسـات جـئـن دائـم تـنـيـن جـا نـيـڻ ٿـيـا آلا.
ڏسڻ مان تـنـهـنـجـي اي باغِ حسن مـون کـي سرئا ٿـي "گُلَ"،
تـنـهـنجو مُک گُل، زلف سـنـبـل، مـنـهـنـجـي دل جـئـن گُلِ لالا.
(ديوان گل، ص: 1)

بحر هزج جي مفاعلين رُڪن جو اٺ پيرا دهراءَ ۾ غزل جي هر مصرع جي ڪيفيت جيتوٽيڪ سالم آهي، پوءِ بہ ٽئين بند ۾ گُلَ لفظن جي حذف جي پوري آزادي ورتي آهي، جيئن:

اٿـئـي اي دل ڏٽـيءَ جـي دوسـتـي ۽ شـوق جـي مـحـبـت،
دنـيـا جـي عـيـش عشـرت کـي 'پـيـري' هـڻ تـون کـٽـي پـالا.

هتي 'دنيا' ۽ 'پيري' لفظ ۾ 'يہ' کي واضح طور حذف ڪيو ويو آهي، ۽ 'مُحبّت' کي بہ سنڌي اُچار 'مَحبت' موجب ڪتب آندو ويو آهي. گڏوگڏ ان دؤر جي سڄي غزليہ شاعريءَ جي اپياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان دؤر جي عروضي شاعرن وٽ 'الف' يا 'يہ' جهڙا غير متحرڪ اُچار حذف ڪرڻ جي روايت رهي آهي. غالب جي سٽ آهي:

يہ نہ تھی ہماری قسمت کہ وصال یار ہوتا

پر عروض جي قاعدن موجب هڪ مصرع ۾ رمل مثمن مقصود ۽ ٻئي ۾ رمل مثمن محذوف جو وزن جائز قرار ڏنو ويو آهي.

افسوس جي ڳالھ اها آهي تہ آخوند "گُل" جو پاڻ مرتب ڪيل ديوان هُن جي حياتيءَ ۾ شايع نہ ٿي سگھيو، جيڪا حسرت ان دؤر جا ٻيا بہ ڪيترا شاعر پاڻ سان گڏ هن دنيا مان کڻي ويا. گُل سنڌيءَ جو پهريون شاعر صاحب ديوان شاعر آهي، جنهن جو ديوان شايع ٿيو آهي، جيڪو هو پاڻ حج جي زيارت لاءِ ويندي بمبئيءَ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ ڏيندو ويو، پر ديوان جو اهو ڇاپو بيحد ناقص آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 'سنڌي ادب جي تاريخ' جي جلد 2 ۾ لکي ٿو: "آخوند گل محمد ولد آخوند ولي محمد هالن پراڻن ۾ ڄائو. سندس خانداني علميت

جي ڪري سانوڻي آخوند جو خاندان سڏبو هو. اهو سانوڻي مينهن جي پالوٽ جي پيٽ ۾ علمي پالوٽ جي ڪري هو. هو پنهنجي اباڻي ڪتنب واري مڪتب ۾ پڙهي عربي ۽ فارسي زبان ۾ پڙُ ٿيو. سندس وڏا اصل پير پاڳاري جا مريد هئا ۽ انهن جا خليفا سڏبا هئا.“(5) شايد ان ڪري ئي گُل پاڻ کي خليفو گل محمد چوائڻ پسند ڪيو.

محققن جو چوڻ آهي ته، خليفو گل محمد هالا تعلقي جي ڳوٺ ڪيبرن ۾ به گهڻو وقت گذاريندو هو. سندس مجازي نينهن جو ناتو به اتي سرجيل هو. هو مجازي عشق ۾ پاڪباز ۽ حقيقي عشق ۾ سرفراز هو.

جوڻيجي صاحب جي بيان موجب خليفي گل محمد مڪي ۾ وفات ڪئي، ان ڪري بمبئيءَ ۾ شايع ٿيل پنهنجو ديوان ڏسڻ کان محروم رهجي ويو. بمبئيءَ ۾ ڇپيل سندس ديوان ۾ ڪي ڇاپي جون غلطيون رهجي ويون، پر اها حقيقت آهي ته هن جي ديوان جي شايع ٿيڻ سان اها ڳالهه به سامهون آئي ته نه رڳو آخوند صاحب شاعريءَ ۾ جدت آندي، پر هو علم عروض کان به پوريءَ ريت واقف هو. جو هن ڏکين بحرن، جهڙوڪ: بحر رمل، بحر رجز ۽ بحر مضارع ۾ ڪلام موزون ڪيو آهي. ان سان گڏ سنڌي آواز وارا قافيا، جهڙوڪ: ’ڊ، ڏ، ڄ ۽ ج وغيره تي به غزل موزون ڪيائين. ان کان سواءِ معنوي ۽ لفظي صنعتن جو به لحاظ رکيائين، ان ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته، نه رڳو ڪلام جي ٻين خوبين سان گڏ علم عروض ۽ علم بديع جي مڪمل پابندي پڻ ڪيائين. (6)

آخوند گل جي غزلن جي بنيادي مضمونن ۾ مختلف لاڳاپيل ڪيفيتن جو بيان فنائتي نموني پيش ٿيل آهي. هن جي سڄي ڪلام جي موضوع ۽ مضمون جي مدنظر ڏسجي ته ان ۾ عشق محبت سان گڏ نصيحت پڻ شامل آهي ۽ وقت جي مدنظر خدا پرستيءَ جي تلقين پڻ آهي، جيتوڻيڪ ان دؤر جو غزل رڳو عشقيه جذبات جو ترجمان رهيو آهي. ڪٿي ڪٿي گل پنهنجا ڪي غزل تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين سان پيش ڪيا آهن، جيئن نفس کي ’ڪتو‘ سڏڻ وارو استعارو:

پَلُ ڪتي کي مَر ڏي انهيءَ کي ڇُڄَ،
نه وٽي ڳالهه جا لڳي تي ٻُڄ.
(ديوان گل، ص: 47)

اڳتي هلي جوڻيجو صاحب لکي ٿو: ”آخوند گل جيئن ته هالن جو هو، جيڪو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هَٿ جي هنرن کان مشهور آهي، ان ڪري آخوند وٽ بہ اهڙين تشبيهن جي کوٽ ناهي. ڏنڏن، هنرن ۽ هارين نارين توڙي ڪمين ڪاسبين جي ڪِرت مان جو مشاهدو ماڻي ٿو. موت جو ذڪر بہ ان حوالي سان ڪري ٿو." (7)

مئا جي محبت ۾ ماريا نہ موت،
وتن جال جيئرا فنا ڪيا نہ فوت
لڏيو جاءِ هڪ مان، وهن جاءِ ٻي،
هٽن جيئن ٿا هاري ڪراڙا ۽ روت.
(ديوان گل، ص: 20)

ڪورين جي ڏنڏن جي اصطلاحن جو حوالو هيئن وٺي ٿو:

پائي پيٽ تاڃيءَ ۾ پيرن پڏار،
ٿيا ڳنڍجي گُل مڙيئي ڳوپ ڳوت.
(ديوان گل، ص: 21)

سنڌي غزليہ شاعريءَ ۾ گُل جو ديوان پيڙهہ جي پٿر واري حيثيت رکي ٿو. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي راءِ موجب: "غزل جي دائري ۾ گل اهم خدمت ادا ڪئي ۽ سندس ديوان جو اهو اثر ٿيو جو سنڌي شاعر دوهن ۽ ڪافين کي ڇڏي غزل گوئيءَ ڏانهن رجوع ٿيا." (8) گل کان پوءِ ئي سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جو سلسلو لڳاتار جاري رهيو.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي صنف جو باقاعدي تجربو سڀ کان پهرين خليفي گل محمد ڪيو. پنهنجي الف بي وار ديوان ۾ هن عروضي شاعريءَ جا ڪيترائي بحر ۽ انهن جا وزن استعمال ڪيا آهن. هن غزل جي فن ۽ ٽيڪنڪ تي خاص طور ڌيان ڏيئي پنهنجي فني مهارت جو ثبوت ڏنو آهي. سڀ کان اهم نڪتو اهو آهي تہ هن اڪثر چست بحرن وارا وزن ڪم آندا آهن. جيتوڻيڪ غزل ۾ ڪو نڪتو پيدا ڪرڻ هرويرو وڏي شاعري ناهي، پر "گُل" غزل ۾ ڪي نوان نُڪتا پيدا ڪري، انهن کي خيال سان رل مل ڪندي پنهنجي غزلن کي نئين وسعت بخشي آهي.

شيخ عبدالرزاق راز پنهنجي تجزيي 'سنڌي شاعري خليفي گل کان وٺي اڄ تائين' ۾ لکي ٿو: "گل جي شاعري سنڌ ۾ غزل جي شاعري آهي ۽ اسان وٽ خليفو گُل ئي ان صنف جو نہ رڳو باني آهي، پر معمار اعليٰ بڻجي اسان سان روشناس ٿيو ۽ ڪانئس پوءِ گذريل سوَ سالن ۾ اها صنف اسان جي ادب ۾ هڪ غير معمولي حيثيت

اختيار ڪري چڪي آهي ۽ انهيءَ فن جي رنگارنگي دلفريب ڪي اسان پاڻ وٽ هڪ وڏو درجو ڏنو آهي ۽ ماحول پٽاندر منجهس حسن ۽ خوبصورتي پئدا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ويئي آهي، پر اسان وٽ سندس بنيادي حقيقت هميشہ قائم ۽ دائم رهي آهي.“(9)

اڳتي هلي راز جو رايو آهي تہ، ”غزل جو مواد ۽ ٽيڪنڪ خليفي گل وٽ هڪ نمايان صورت اختيار ڪري ٿي، تنهن ڪري اسان جي غزل جو دؤر گل کان شروع ٿئي ٿو.“(10)

غزل جي بنيادي وصفن ڪي پنهنجائيندي ”گل“ ان کي سنڌي تهذيب جو ويس ڍڪايو آهي.

”گل“ جي ديوان ۾ ڪُل هڪ سو پنجهتر غزل شامل آهن، جن مان اڪثر غزلن ۾ وزن جي پختگي ۽ رواني ايتري تہ برقرار آهي جو اها علم عروض جي ڪنهن ماهر شاعر جي حصي ۾ ئي اچي سگهي ٿي. انهن غزلن ۾ ڊڪشن جي لئہ سان گڏوگڏ خيال جي لئہ پڻ رل مل ٿي ويئي آهي:

دل ٿي پَچي پِرت ۾ تو لئہ پرين پيارا،
آءُ ڪينَ اڳڻ منهنجي محبوب جيءَ جيارا.
راتيون لنگهيو وجن جال ڏينهن ماهہ گذريو سال،
لنگهئو بهار، آرهڙ، سانوڻ وجن سيارا.
غمزا سوين هزارين، ماٽا ڪٽڻ ڪون ٻاهر،
نت نوع لک تنهنجا، ناز نت نيارا.
بيهوش ٿيا برهہ ۾، نينهن نيا نِرهہ ۾،
ووءِ ووءِ ڪندا ورهہ ۾، وئڙا هڃي هشيارا.
وڻ ماديون ٿين نر، گُل چاٽيو جهلن ڦر،
ميوا جهلين مند تي ليسوڙيون ليارا.
(ديوان گل، ص: 3)

هي غزل بحر مضارع مثمن سالم تي ٻڌل آهي، پر غزل جي ٽينءَ مصرع ۾ ’جال‘ ۽ ’سال‘ لفظ وزن کي شڪستو ڪري ٿا ڇڏين، پر پوءِ بہ عروضي لوازمات برقرار آهن.

آخوند گل پنهنجي ڪلام ۾ عروضي اصولن جي پابنديءَ کان سواءِ نج



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي اصطلاح پڻ جهجهي انداز ۾ آندا آهن، جيئن: ’ڪَتي سان مهيندو وجڻ‘ يعني نااميد ٿيڻ، ’وار وارڻ‘ يعني خيرات جوکير ورهائڻ، ’جک مارڻ‘ ، خواريءَ جي ڪاري ڪٽڻ، ’ڪِڳ ڪائڻ‘ يعني مفت ۾ ڏوَ ڪرڻ وغيره. مثال طور:

لوڪ جي بهتان ۽ خواريءَ سنڌي،
سِر مٿي ڪاري ڪٽن ڪي مڙس ڏڳ.
(ديوان گل، ص: 119)

ساڳيءَ طرح گُل سنڌي پهاڪن کي پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ قابليت سان ٺهڪايو آهي. مثال طور:

’جهڙي سَٿِ تهڙي ٿي ويهون‘ يا ’گاهي رنج گاهي گنج‘
گل محمد سوئي سو گل احمد،
سي اَهن ٿي ويهون، سا آهي سَٿِ.
(ديوان گل، ص: 25)

مٿين قسمن کان سواءِ گل اهڙا بحر به پنهنجن غزلن ۾ ڪم آندا آهن، جن تي شعر چوڻ علم عروض جي اڻ واقف شاعر جي پهچ کان پري آهي، جن ۾ خاص طور بحر طويل، بحر رمل، بحر رجز ۽ بحر مضارع وغيره اچي ٿا وڃن.

جيتوڻيڪ ڪاڪي پيرومل مهرچند گُل جي شاعريءَ مان ڪيئي خاميون ڪڍي نروار ڪيون آهن ۽ سندس چواڻيءَ خليفو صاحب ڪٿي عرش اڏاٽو آهي ته، ڪٿي رڳو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪيون اٿس، پر پوءِ به پيرومل اهو تسليم ڪيو آهي ته گل جي ديوان ۾ انهن نقصن هوندي به هن جي نظر ۾ ديوان قاسم ۽ ديوان فاضل کان ’ديوان گل‘ وڌيڪ آهي. (11)

آخوند گل کان اڄ تائين ٻن صدين ۾ سنڌي غزل هڪ وڏو سفر ڪيو آهي. ان دوران سنڌي غزل ۾ نوان نوان تجربا، نوان نوان موضوع، نوان نوان رنگ ڍنگ، قديم کان قديم ۽ جديد کان جديد تر خيال غزل ۾ سمويا ويا آهن. غزل جي وحشي صنف هئڻ کان ويندي غزل کي شاعريءَ جي آبروءَ جو درجو عطا ڪرڻ تائين هر اسلوب استعمال ڪيو ويو آهي. غزل کي بحرن جي بندش کان آزاد ڪري آزاد غزل جي نالي نئين صنف پيش ڪرڻ جا تجربا پڻ ڪيا ويا آهن.

نئون غزل اجا پوريءَ طرح نئون ئي نه ٿي سگهيو ته پراڻو لڳڻ لڳو، ڪِن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪَڪوي شاعرن (Poetasters) تہ پهرين قافين جون فهرستون تيار ڪري قافيہ پيمائيءَ تي غزل جون مصراعون جوڙيون.

ستر اسي واري ڏهاڪي ۾ نئين ڪوتا غزل مٿان وقتي طور تي حاوي پئجي ويئي، پر اهو دؤر گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. غزل جهڙي نفيس صنف سان هٿ اٽڪائڻ لاءِ هڪ وڏي جاڻ، تپسيا ۽ ساڌنا گهرجي، جيڪا نئين ڪوتا لاءِ بنهہ ضروري نہ ٿي ڄاتي ويجي.

بهرحال، غزل جون سڪون لاهڻ لاءِ هاڻي غزل جي پير ۾ ويهي، ڪوتائون لکجي رهيون آهن، جيڪي ڪنهن حد تائين اطمينان بخش بہ آهن ۽ سنڌي غزل لاءِ غنيمت آهن.

سون جي تعداد ۾ سهڻا ۽ جاذب غزل لکندي لکندي، سنڌي شاعريءَ جي سرموڙ شاعرن: ارجن حاسد ۽ واسديو موهيءَ اڄ غزل جي قافين ۽ رديفن کي هم آهنگ ڪري ڇڏيو آهي، سنڌي غزل جي ان ڪان وڏيڪ خوشنصيبي ڪهڙي ٿي سگهندي؟

## حوالا


1. عبدالستار، پروفيسر، 'داراشڪوه' ايجوڪيشنل بڪ هائوس، علي ڳڙهہ يونيورسٽي، 1980ع.
2. ودياپتي، شاعري، رمانات 'هندستاني ادب ڪي معمار' (مونوگراف)، ساهتيہ اڪيڊمي، 1990ع، ص: 23 کان 28.
3. واسديو موهي ۽ ليڇمڻ ڪومل (مرتب)، 'غزل'، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي خادم (مهاڳ)، اشوڪ پبليڪيشن، دهلي، 1959ع.
4. ديانند ڪاڪا (مرتب)، 'سنڌي غزلن جو غنچو'، 1995ع.
5. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جلد 2، 2005ع.
6. ايضاً
7. ايضاً
8. ارجن شاد 'شيخ عبدالرزاق، سنڌي غزل'، بمبئي يونيورسٽي جي پي ايڇ ڊي ٿيسز.
9. ايضاً
10. ايضاً
11. نارائڻ شيام، 'روشن ڇانورو' (مهاڳ)، ڪهاڻي پبليڪيشن، بمبئي، 1964ع.


* مقالي ۾ ڪتب آندل خليفي گل محمد گل جا شعر سندس ديوان، 'ديوان گُل' تان کنيا ويا آهن: آخوند مرحوم گل محمد هالائي، 'ديوان گُل' بمعہ معنيٰ، آر. ايڇ. احمد ائنڊ برادرس بوڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار حيدرآباد (پاڪ)، ايڊيشن-2، سال 1956ع.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair